

# رمضان جون بهارون

هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رمضان جون بهارون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حُضُور نبيِّ پاڪ ،صاحبِ لَولاڪ، سياحِ اَفْلاڪ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا بہ ڀانها پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن ۽ نبيِ ڪريم (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهرين انهن جا اڳيان پٺيان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.“

(مسند ابي يعلي الموصلي، مسند انس بن مالک، الحديث:٢٩٥١،ج٣،ص٩٥)

ذکر و درود ہر گھڑی ورد زبان رہے میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بخارى، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذڪر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## رمضان جي مهيني جي پهرين رات

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ، مايہ ناز تصنيف"فيضانِ سنت جلد پهريون" جي باب "فيضانِ رمضان" ۾ آهي:

**حضرتِ سيّدُنا عبد الله ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم، حبيبِ اڪرم، نبي محترم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي: "جڏهن رمضان شريف جي پهرين رات ايندي آهي تہ عرشِ عظيم جي هيٺان مَثيره نالي هوا هلندي آهي جيڪا جنّت جي وڻن جي پنن کي لوڏيندي آهي. ان هوا جي هلڻ سان اهڙو دلڪش آواز بلند ٿيندو آهي جو ان کان بهتر آواز اڄ تائين ڪنهن نہ ٻُڌو. انهيءَ آواز کي ٻُڌي وڏين وڏين اکين واريون حورون ظاهر ٿينديون آهن ايتري تائين جو جنّت جي بلند محلن تي بيهجي وينديون آهن ۽ چونديون آهن: " آهي ڪو جيڪو اسان کي الله تعالٰي کان گهري وٺي تہ اسان جو نڪاح ان سان ٿئي؟ " پوءِ اهي حورون جنّت جي داروغي (حضرت) رضوان (عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) کان پُڇنديون آهن. " اڄ هيءَ ڪهڙي رات آهي؟ (حضرت) رضوان (عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) جواب ۾ تلبيه (يعني لبيڪ) چوندا آهن. ۽ چوندا آهن هي ماهِ رمضان جي پهرين رات آهي. جنّت جا دروازا **امتِ محمّديه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روزيدارن جي لاءِ کوليا ويا آهن." (الترغيب والترهيب ج 2 ص 60 حديث 23)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ روزيدارن تي ڪيتري قدر مهربان آهي جو رمضان جي مهيني ۾ انهن جي لاءِ جنت جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني جي چا ڳالھ



www.dawateislami.net

ڪجي جو ان جي استقبال جي لاءِ سڄو سال جنّت کي سينگاريو ويندو آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، "بيشڪ **جنّت** ابتدائي سال کان ايندڙ سال تائين رمضان المبارڪ جي لاءِ سجائي ويندي آهي ۽ فرمايائون، رمضان شريف جي پهرين ڏينهن جنّت جي وڻن جي هينان وڏين اکين وارين حورن تي هوا هلندي آهي ۽ اهي عرض ڪنديون آهن، "اي پروردگار! عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن مان اهڙن ٻانهن کي اسان جو مڙس بڻاءِ جن کي ڏسي اسان جون اکيون ٺڏيون ٿين ۽ جڏهن اهي اسان کي ڏسن تہ انهن جون بہ اکيون ٺڏيون ٿين." (شعب الايمان ج 3 ص 312 حديث 3633)

مرحبا! جلد ئي رمضان المبارڪ جو خوبصورت مهينو پنهنجي دامن ۾ رحمتن ۽ مغفرتن جا خزانا کڻي اسان جي درميان جلوه گر ٿيڻ وارو آهي. رمضان المبارڪ جي مهيني جي عظمت ۽ فضيلت جو اندازو ان ڳالھ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن ئي هي مقدسۥ مبارڪ مهينو پنهنجي برڪتن سان ايندو هو تہ پيارا آقا، مٺا مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہء ڪرام رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن کي ان جي آمد (اچڻ) تي مبارڪ باد ڏيندا هئا ۽ خوشخبري ٻڌائيندا هئا. جيئن تہ

## رمضان جي مبارڪ باد

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ رسولِ ڪريم ، رَؤُفٌ رَّحِيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابهءِ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن کي خوشخبري ٻُڌائيندي فرمائيندا هئا: "توهان وٽ رمضان جو مهينو اچي ويو



www.dawateislami.net

آهي جيڪو نهايت برڪت وارو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ هن جا روزا توهان تي فرض ڪيا آهن، هن ۾ جنت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ دوزخ جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن گڏوگڏ شيطانن کي قيد ڪيو ويندو آهي. هن ۾ هڪ رات اهڙي آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي جيڪو ان جي ڀلائي کان محروم رهيو اهو بلڪل ئي محروم رهيو.“

(مسند امام احمد، مسند ابي هريرة ، ٣/٣٣١، حديث: ٩٠٠١)

مُفَسّرِ شَهِير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان ان حديثِ پاڪ جيَ تحت فرمائن ٿا: جيئن ته رمضان ۾ حِسّي (يعني محسوس ٿيڻ واريون) بَرڪتون به آهن ۽ غيبي برڪتون به، تنهن ڪري ان مهيني جو نالو ماهِ مبارڪ به آهي، رمضان ۾ قدرتي طور تي مؤمنن جي رزق ۾ برڪت به ٿيندي آهي ۽ هر نيڪي جو ثواب ستّر (70) گُنا يا ان کان به وڌيڪ آهي. ان حديث مان معلوم ٿيو ته رمضان جي مهيني جي آمد جي خوش ٿيڻ هڪ ٻئي کي مبارڪ باد ڏيڻ سنت آهي ۽ جنهن جي آمد تي خوش ٿيڻ گهرجي، ان جي وڃڻ تي غم به ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري اڪثر مسلمان جُمُعَةُ الْوَدَاع تي غمگين ۽ سندن اکيون آليون ٿي ويندئون آهن ۽ خطيب صاحبان ان ڏينهن ڪجھ رخصتي جملا چوندا آهن ته جيئن مسلمان بقايا گهڙين کي غنيمت سمجهندي گذارين ۽ گهڻيون نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪن انهن سيني جو ماخذ اها حديث آهي. (مرآة المناجيح، ٣/١٣٧ ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀرئي مدني ماحول ۾ به رحمتن ۽ مغفرتن ڀريي هن مهيني جي آمد تي خوب خوشي جا نظارا هوندا آهن ۽ ان جو ڀرپور نموني سان استقبال ڪيو ويندو آهي گڏوگڏ جڏهن هي مهينو رخصت ٿيندو آهي ته ان کي لڙڪن ڀريل اکين سان ”الوَدَاع“ ڪيو ويندو آهي.



www.dawateislami.net

شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جن رمضان المبارڪ جي آمد تي خوشي ۽ مسّرت جو اظهار ڪرڻ، ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي ان عظيم نعمت تي شڪر جو اظهار ڪرڻ ۽ ان ماهِ غفران جي عظمت ۽ اهميّت اجاگر ڪرڻ جي لاءِ هي خوبصورت ۽ پيارو ڪلام لکيو:

## مرحبا صد مرحبا!

مرحبا صد مرحبا پھر آمدِ رَمَضَان ہے
کِھل اُٹھے مُرجھائے دل تازہ ہوا اِیمان ہے

ہم گُناہگاروں پہ یہ کتنا بڑا احسان ہے
یا خُدا تُونے عطا پھر کردیا رَمَضَان ہے

تجھ پہ صَدقے جاؤں رَمَضَاں تُو عَظِیمُ الشان ہے
کہ خدا نے تجھ میں ہی نازِل کیا قرآن ہے

اَبرِ رَحمت چھاگیا ہے اور سَماں ہے نُورنُور
فَضلِ ربّ سے مَغفِرَت کا ہوگیا سامان ہے

ہرگھڑی رحمت بھری ہے ہرطرف ہیں بَرَکتیں
ماہِ رَمَضَاں رَحمتوں اور بَرَکتوں کی کان ہے

آگیا رَمَضَاں عبادت پر کَمَر اب باندھ لو
فَیض لے لو جلد کہ دِن تیس کا مہمان ہے

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام
جُھوم جاؤ مُجرِمو رَمَضان مَہِ غُفران ہے

بھائیوکرلو گُناہوں سے سبھی توبہ کہ اب
پڑگئے دوزخ پہ تالے قید میں شَیطان ہے

خوش دِلی سے سُنّتیں اپنائے جاؤ بھائیو
خُلد کے دَر کُھل گئے ہیں داخِلہ آسان ہے

مَسجِدیں آباد ہیں زورِ گُنہ کم ہوگیا
ماہِ رمضان المبارک کا یہ سب فیضان ہے

روزہ دارو جُھوم جاؤ کیونکہ دِیدارِ خدا
خُلد میں ہوگا تمہیں یہ وعدۂ رحمٰن ہے

دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے



www.dawateislami.net

يا الٰہی تُو مدینے میں کبھی رَمَضاں دکھا
مُدّتوں سے دل میں یہ عطّار کے ارمان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر رات ست هزار جي بخشش

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ ذيشان، مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمتِ نشان آهي، ”رمضان شريف جي هر رات آسمانن ۾ صبح صادق (پرهه ڦٽيءَ) تائين هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هي نِدا ڪندو آهي، ” اي ڀلائي گهرڻ وارا! مڪمل ڪر (يعني الله تعاليٰ جي فرمانبرداري جي طرف اڳتي وڌ) ۽ خوش ٿي وڃ ۽ اي شرير! شر کان رڪجي وڃ ۽ عبرت حاصل ڪر. آهي ڪو مغفرت جو طالب! جو ان جي طلب پوري ڪئي وڃي. آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو! جو ان جي توبهه قبول ڪئي وڃي. آهي ڪو دعا گهرڻ وارو! جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. آهي ڪو سائل جو ان جو سوال پورو ڪيو وڃي. الله تعاليٰ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ افطار جي وقت ست هزار گناهگارن کي دوزخ مان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي، ۽ عيد جي ڏينهن سڄي مهيني جي برابر گناهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.“ (الدرالمنثور ج 1 ص 146)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان جي مهيني جون گهڙيون ڪيتريون بابرڪت آهن جو هر لمحي ۾ رحمت ۽ مغفرتِ اِلٰهي تقسيم ٿي رهي هوندي آهي. هي اهو مقدس مهينو آهي جنهن جا ڏينهن روزن ۾ ۽ راتيون تلاوتِ ڪلامِ پاڪ ۾ گذرنديون آهن ۽ اهي ٻئي شيون يعني روزو ۽ قرآن محشر جي ڏينهن مسلمانن جي لاءِ شفاعت جو سامان به فراهم ڪندو جيئن ته



www.dawateislami.net

## روزو ۽ قرآن شفاعت ڪندا

رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”روزو ۽ قرآن ٻانهي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا. روزو عرض ڪندو، اي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ! مون ڪائڻ ۽ خواهشن کان ڏينهن ۾ هن کي روڪي ڇڏيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول فرماءِ. **قرآن** چوندو، مون هن کي رات ۾ سمهڻ کان پري رکيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول ڪر. پوءِ ٻنهي جون شفاعتون قبول ٿينديون.“

(مسند امام احمد ج 2 ص 586 حديث 6637)

## بخشش جو ٻهانو

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ کي امتِ محمديه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عذاب ڪرڻ مقصود هجي ها ته ان کي رمضان ۽ سورة **قل‌هوالله شريف** هر گز عنايت نه فرمائي ها.“

(نزهة المجالس ج 1 ص 216)

ڈر تھا کہ عِصیاں کی سَزا اب ہوگی یا روزِ جَزا

دی اُن کی رَحمت نے صَدا یہ بھی نہیں،وہ بھی نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عبادت لاءِ تيار ٿي ويندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جي مهيني ۾ اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي وڌ ۾ وڌ عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ هر اهو ڪم ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي



www.dawateislami.net

رضا ھجي. جيڪڏھن ھن مھيني ۾ ٻہ ڪو پنھنجي بخشش نہ ڪرائي سگھيو تہ پوءِ ڪڏھن ڪرائيندو؟ اسان جا پيارا پيارا ۽ مٺا مٺا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھن مبارڪ مھيني جي آمد سان ئي عبادتِ الاھي عَزَّوَجَلَّ ۾ تمام گھڻو مشغول ٿي ويندا ھئا. جيئن تہ اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون، ”جڏھن رمضان جو مھينو ايندو ھو تہ منھنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا ھئا ۽ پورو مھينو پنھنجي بستري مبارڪ تي تشريف نہ آڻيندا ھئا.“ (الدرالمنثور ج 1 ص 449)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گھرجي تہ پورو رمضان جو مھينو پنھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۽ ان جي عبادت ۾ گذاري ڇڏيون. يقينًا جنھن کي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ٿي وڃي ان جو دنيا ۽ آخرت ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو آھي ۽ رمضان جي مھينو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جو بھترين ذريعو آھي. ھي وڏي شان ۽ عظمت وارو مھينو آھي ان جون بيشمار خصوصيتون آھن جن مان ھڪ خصوصيت ھي بہ آھي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انھي مبارڪ مھيني ۾ قرآنِ پاڪ نازل فرمايو. جيئن تہ سيپاري 2، سُوْرَةُ الْبَقَرَة جي آيت نمبر 185 ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو نزولِ قرآن ۽ رمضان جي مھيني جي باري ۾ فرمانِ عاليشان آھي:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُؕ وَ مَنْ

**ترجمو ڪنزالايمان:** رمضان جو مھينو جنھن ۾ قرآن لٿو، ماڻھن جي لاءِ ھدايت آھي رھنمائي ۽ فيصلي جون چٽيون ڳالھيون آھن سو توھان مان جيڪو ھي مھينو لھي، اھو ضرور ان جا روزا رکي ۽ جيڪو بيمار يا سفر ۾ ھجي تہ اوترا



www.dawateislami.net

كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۫ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾

(پ 2 البقره 185)

روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي. الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي آساني ڪرڻ گهري ٿو ۽ توهان تي اوکائي ڪرڻ نہ ٿو گهري ۽ ان لاءِ تہ جيئن توهان ڳڻپ پوري ڪريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وڏائي بيان ڪريو. انهيءَ تي تہ ان اوهان کي هدايت ڪئي ۽ توهان حق گذار ٿيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان آيتِ مقدّسہ جي اندر الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی رمضان جي مهيني ۾ روزا رکڻ جو حڪم بہ فرمايو آهي. ياد رهي تہ توحيد ۽ رسالت جو اقرار ڪرڻ ۽ تمام ضرورياتِ دين تي ايمان آڻڻ کان پوءِ جهڙيءَ طرح هر مسلمان تي نماز فرض قرار ڏني وئي آهي، اهڙيءَ طرح رمضان شريف جا روزا بہ هر مسلمان (مرد ۽ عورت) عاقل و بالغ تي فرض آهن. دُرِ مختار ۾ آهي، روزا 10 شعبان المعظم 2 هہ ۾ فرض ٿيا. (دُر مُختار مع رد المحتار ج3، ص 324)

## روزا فرض ٿيڻ جو سبب

اسلام ۾ اڪثر اعمال ڪنهن نہ ڪنهن روحُ پَرَوَر واقعي جي ياد تازي ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن مثال طور: صفا ۽ مَروَہ جي وچ ۾ حاجين جي سعي حضرتِ سيّدتنا هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي يادگار آهي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجي لختِ جگر حضرتِ سيّدُنا اسماعيل ذبيح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خاطر پاڻي تلاش ڪرڻ جي لاءِ انهن ٻنهي جبلن جي وچ ۾ ست ڀيرا هليون ۽ ڊوڙيون هيون. الله عَزَّوَجَلَّ کي حضرتِ سيّدتنا هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اها ادا پسند اچي ويئي. تنهن ڪري انهيءَ



www.dawateislami.net

بيبي هاجره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي سنّت کي باقي رکندي الله عَزَّوَجَلَّ حاجين ۽ عمري ڪرڻ وارن جي لاءِ صفا ۽ مروه جي سعي کي واجب ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ماهِ رمضان المبارڪ جا ڪجهہ ڏينهن اسان جي پياري سرڪار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن غارِ حرا ۾ گذاريا هئا، انهيءَ دوران پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏينهن جو کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا ۽ رات جو ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول رهندا هئا تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن ڏينهن جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ روزا فرض ڪيا تہ جيئن سندس محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت قائم رهي. (فيضان سنت، ص 935)

## روزيدار جو ايمان ڪيترو پختو آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سخت گرمي آهي. اڄ جي سبب ڳِڙي سُڪي ڇُڪي آهي، چَپَ خشڪ ٿي ويا آهن، پاڻي تہ موجود آهي پر روزيدار ان جي طرف ڏسي ئي ڪونہ ٿو، کاڌو بہ موجود آهي، بُک جي شدت سبب حال هيٺو آهي پر هو کاڌي ڏانهن واجهائي بہ ڪونہ ٿو. اوهان اندازو لڳايو، ان شخص جو خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ تي ڪيڏو نہ پُختو ايمان آهي جو تہ هُو ڄاڻي ٿو تہ هن جي حرڪت سڄي دنيا کان تہ لِڪي سگهي ٿي پر الله عَزَّوَجَلَّ کان ڳجهي نہ ٿي رهي سگهي. الله عَزَّوَجَلَّ تي ان جو هي ڪامل يقين روزي جو عملي نتيجو آهي. ڇو تہ ٻيون عبادتون ڪنهن نہ ڪنهن ظاهري حرڪت سان ادا ڪيون وڃن ٿيون پر روزي جو تعلق باطن سان آهي ان جو حال الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي جيڪڏهن هُو لِڪي ڪري کائي پي وٺي تہ بہ ماڻهو تہ اهو ئي سمجهندا تہ هي روزيدار آهي پر هُو رڳو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب کائڻ پيئڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائي رهيو آهي. (فيضانِ سنت، ص۹۳۷) اهو ئي سبب



www.dawateislami.net

آهي جو روزيدارن کي بيشمار انعامن ۽ اجر و ثواب سان نوازيو ويندو آهي، اچو تہ روزي جي فضيلتن تي ڪجھ روايتون پڙھون.

## سابقہ گناھن جو ڪفارو

**حضرت** سيّدُنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ اسان جا منا منا آقا، مکّي مدني مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:" جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان جي حدن کي سڃاتو ۽ جنهن شيءِ کان بچڻ گهرجي ان کان بچيو تہ جيڪي (ڪجھ گناھ) پهريان ڪري چُڪو آهي انهن جو ڪفارو ٿي ويو." (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص183 حديث 3424)

## روزي جي جزا

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سلطانِ مدينه، سُرُورِ قلب وسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "ماڻهوءَ جي هر نيڪ ڪم جو بدلو ڏهن کان ست سؤ ڀيرن تائين ڏنو ويندو آهي." **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اِلَّا الصَّوْمَ فَاِنَّہٗ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ "روزي کانسواءِ جو روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ڏيندس. **الله** عَزَّوَجَلَّ جو وڌيڪ ارشاد آهي، ٻانهو پنهنجي خواهش ۽ کاڌي کي صرف منهنجي سبب کان ڇڏي ڏئي ٿو. روزيدار جي لاءِ بہ خوشيون آهن. هڪ افطار جي وقت ۽ هڪ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات جي وقت. روزيدار جي وات جي بوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مُشڪ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي." (صحيح مسلم ص580 حديث 1151)

وڌيڪ ارشاد آهي،"روزو سِپَر (يعني ڍال) آهي ۽ جڏهن ڪنهن جي روزي جو ڏينهن هجي تہ هُو نہ بيهوده ڳالهائي ۽ نہ ئي رڙيون ڪري. پوءِ جيڪڏهن کو بيو شخص ان کي گارگند ڪري يا وڙهڻ چاهي، تہ هُو کيس چوي "مان روزيدار آهيان." (بخاري ج1 ص 624 حديث 1894)



www.dawateislami.net

## روزي جا خصوصي انعام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ ۾ روزي جون ڪيترين ئي خصوصيّتون ارشاد فرمايون ويون آهن. ڪيڏي نہ پياري خوشخبري آهي ان روزيدار جي لاءِ جنهن اهڙيءَ طرح روزو رکيو جهڙي طرح روزو رکڻ جو حق آهي. يعني کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان بچڻ سان گڏوگڏ پنهنجي سيني عضون کي بہ گناهن کان پري رکيائين تہ اهو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي لاءِ تمام پُٺين گناهن جو ڪفارو ٿي ويو ۽ حديثِ مبارڪ جو هي فرمانِ عاليشان تہ خاص طور تي قابلِ تَوجُّهہ آهي. جيئن تہ سرڪارِ نامدار، شفيع روز شمار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ خوشگوار ٻُڌائن ٿا: "فَاِنَّہٗ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِہٖ" يعني روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ئي ڏيندس. حديثِ قدسي جي هن ارشاد پاڪ کي ڪجھ محدثين ڪرام رَحِمَھُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی "اَنَا اُجْزٰی بِہٖ" بہ پڙهيو آهي جيئن تہ **تفسيرِ نعيمي** وغيره ۾ آهي تہ پوءِ معنيٰ هيءَ ٿيندي، "**روزي** جي جزا مان پاڻ ئي آهيان".

**سُبْحٰنَ اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ يعني روزو رکي روزيدار پاڻ **الله تبارڪ و تعاليٰ** جي ذات کي ئي ماڻي وٺندو آهي.

## سمهڻ بہ عبادت آهي

**حضرتِ** سيّدُنا **عبدالله** بن ابي اوفيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، مديني جي تاجوَر، دلبرن جي دلبر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُنوَّر آهي، "**روزيدار** جو سمهڻ عبادت ۽ ان جي خاموشي تسبيح ڪرڻ ۽ ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول هوندو آهي".

(شعب الايمان ج3 ص 415 حديث 3938)



www.dawateislami.net

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! روزيدار ڪيڏونہ خوشنصيب آهي جو سندس سمهڻ بندگي، خاموشي تسبيح خداوندي عَزَّوَجَلَّ، دعائون ۽ نيڪ عمل بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول آهن.

تیرے کرم سے اے کریم! کون سی شے ملی نہیں

جھولی ہماری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عضون جو تسبيح ڪرڻ

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجي سرتاج، صاحب معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:” جيڪو ٻانهو روزي جي حالت ۾ صبح ڪري ٿو، ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ ان جا عضوا تسبيح ڪندا آهن ۽ آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا (فرشتا) ان جي لاءِ سج لهڻ تائين مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن اهو هڪ يا ٻہ رڪعتون پڙهي ٿو تہ اهي آسمان ۾ ان جي لاءِ نور تي ويندئون آهن ۽ حُورعِين (يعني وڏين اکين وارين حورن) مان ان جون گهرواريون چونديون آهن، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي اسان ڏانهن موڪلي ڏي، اسين سندس ديدار جي لاءِ تمام گهڻيون مُشتاق آهيون ۽ جيڪڏهن اهو لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله يا سُبحٰنَ الله يا اللهُ اَكْبَر پڙهي ٿو تہ ستر هزار(70,000) فرشتا ان جو ثواب سج لهڻ تائين لکندا رهن ٿا.

(شعب الايمان ج3 ص 299 حديث 3591)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! روزيدار ڪيڏو نہ خوشنصيب آهي جو ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کُلن، ان جي جسم جا عضوا الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح



www.dawateislami.net

ڪن، آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا فرشتا سڄ لهڻ تائين ان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرن، نماز پڙهي ته ان جي لاءِ آسمان ۾ روشني ٿئي ۽ حورِ عين يعني وڏين وڏين اکين واريون حوروں جيڪي ان جي لاءِ مقرر ٿيون آهن اهي جنّت ۾ ان جي آمد جو انتظار ڪن. لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ يا سُبۡحٰنَ اللّٰه يا چوي ته ستر هزار (70,000) فرشتا سڄ لهڻ تائين ان جو ثواب لکن.

(فيضانِ سنت، ص 956)

منا منا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ ته روزيدارن تي ڇماڇم بارشون ٿينديون ئي، آخرت ۾ به ان کي عظيم الشّان مقام ۽ مرتبو حاصل ٿيندو. جيئن ته

## سون جو دسترخوان

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان مروي آهي، مالڪِ جنّت، ساقيءِ ڪوثر، محبوبِ ربّ داور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُراثر آهي: ” قيامت واري ڏينهن روزيدارن جي لاءِ هڪ سون جو دستر خوان رکيو ويندو. جڏهن ته ماڻهو (حساب ڪتاب جا) منتظر هوندا.“

(ڪنز العمال ج 8 ص 214 حديث 23640)

## جنتي ميوا

اميـر المـؤمنين حضـرت مـولاءِ ڪائنـات، علـيُّ اَلۡمرتضـیٰ شـيرِ خـدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجۡہَہُ الۡکَرِیۡم کـان روايـت آهـي، امـام الصّـابرين، سـيّد الشّـاڪرين، سلطان اَلۡمتوڪّلين، مُحِبُّ الۡفُقراءِ والمساڪين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: ”جنهن کي روزي کائڻ يا پيئڻ کان روڪـي ڇڏيو جنهن جـي ان کـي خـواهش هئـي تـه الله تعـالیٰ ان کـي جنّتـي ميـون مـان کارائيندو ۽ جنّتي شراب سان ڍؤ ڪرائيندو.“

(شُعَبُ الۡايمان ج٣ ص٤١٠حديث٣٩١٧)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

جڏهن اعمال جي جزا ملڻ جو وارو ايندو تہ روزيدارن کي بي حد ۽ بي حساب اجر ڏنو ويندو. جيئن تہ

## بي حساب اجر

حضرتِ سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا: ”قيامت جي ڏينهن هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هن طرح نِدا ڪندو، هر پوکڻ واري (يعني عمل ڪرڻ واري) کي ان جي پوک (يعني عمل) جي برابر اجر ڏنو ويندو سواءِ قرآن وارن (يعني قرآن جي عالمن) ۽ روزيدارن جي جو انهن کي بيحد ۽ بي حساب اجر ڏنو ويندو.“

(شُعُب الايمان ج٣ص٤١٣حديث٣٩٢٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ جهڙو ٻج پوکيندؤ تهڙو ئي فصل لڻندؤ. علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ۽ روزيدار ڏاڍا نصيب وارا آهن جو قيامت جي ڏينهن انهن کي بي حساب ثواب سان نوازيو ويندو. جڏهن روزيدار جنت ۾ داخل ٿيڻ لڳندا تہ ان وقت بہ انهن کي خصوصي اعزاز سان نوازيو ويندو. جيئن تہ

## جنتي دروازو

**حضرت** سيّدُنا سهل بن **عبدالله** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، ماهِ نُبُوَّت، مهرِ رسالت، منبع جود و سخاوت، قاسمِ نعمت، سراپا رحمت، شافع امت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، ”بيشڪ جنّت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي **رَيَّان** چيو ويندو آهي ان مان قيامت جي ڏينهن روزيدار داخل ٿيندا انهن کان علاوه ڪوبہ بيو داخل نہ ٿيندو، چيو ويندو روزيدار ڪٿي آهن؟ پوءِ اهي بيهي رهندا انهن کان سواءِ ڪو بيو هن دروازي مان داخل نہ ٿيندو. جڏهن اهي داخل ٿي ويندا تہ دروازو بند ڪيو ويندو انهن کان پوءِ ڪوبہ ان دروازي مان داخل نہ ٿيندو.

(صحيح بخاري ج1 ص625 حديث 1896)



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سُبحٰنَ اللہ عَزَّوَجَلَّ روزيدارن جو به ڪيڏو سنو مقدر آهي! قيامت جي ڏينهن انهن جو خصوصي اعزاز هوندو. وچڙو جنّت ۾ ٿئي آهي پيا خوش نصيب به قافلن جي صورت ۾ جنّت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا. پر روزيدار خصوصي طور تي "بابُ الرَيّان" مان جنّت ۾ داخل ٿيندا.

ياد رکو! جهڙي طرح روزو رکڻ تمام وڏي فضيلت ۽ سعادت جي ڳالهه آهي، اهڙي طرح روزو نه رکڻ به محرومي ۽ بدبختي جو باعث آهي. جيئن ته **حضرتِ** سيّدُنا جابر بن **عبدالله** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي، تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب وسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي: مَنْ اَدْرَكَ رَمَضَانَ وَلَمْ يَصُمْهُ فَقَدْ شَقِيَ يعني جنهن ماهِ رمضان کي ماٺيو ۽ ان جا روزا نه رکيا اهو شخص شقي (يعني بد بخت) آهي.

## هڪ روزو ڇڏڻ جو نقصان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان شريف جو هڪ روزو جيڪو بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڄاڻي واڻي ضايع ڪري ڇڏي ته هاڻي سڄي عمر به جيڪڏهن روزا رکندو رهي تڏهن به ان ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت کي حاصل نه ڪري سگهندو. جيئن ته

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "جنهن رمضان جي هڪ ڏينهن جو روزو بغير ڪنهن شرعي مجبوري يا بغير ڪنهن مرض جي افطار ڪيو (يعني نه رکيو) ته سڄي زندگي جا روزا به ان جي قضا نه ٿي سگهندا جيتوڻيڪ بعد ۾ رکي به وٺي". (صحيح بخاري ج1 ص638 حديث 1934)



www.dawateislami.net

يعني اها فضيلت جيڪا رمضان المبارڪ ۾ روزو رکڻ جي هئي هاڻي ڪهڙي طرح بہ حاصل نٿي ڪري سگهجي. تنهنڪري اسان کي هرگز هرگز غفلت جو شڪار ٿي رمضان جي روزي جهڙي عظيم الشّان نعمت نہ ڇڏڻ گهرجي.

۽ پڻ هن مبارڪ مهيني جو حق چڱي طرح ادا ڪرڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي جو رمضان جي حق ۾ ڪوتاهي جي سبب اسين مغفرت کان محروم رهجي وڃون. ياد رکو! جيڪو ان مهيني ۾ مغفرت کان محروم رهيو، اهو تمام گهٽي خساري ۾ آهي. جئين تہ

## نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي

**حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي، **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ منهنجو ذڪر ڪيو ويو تہ ان منهنجي مٿان درود شريف نہ پڙهيو ۽ ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن تي رمضان جو مهينو داخل ٿيو پوءِ ان جي مغفرت ٿيڻ کان پهريان گذري ويو ۽ ان ماڻهوءَ جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ ان جي والدين پوڙهائپ ماڻي ۽ ان جي والدين کيس جنّت ۾ داخل نہ ڪيو. (يعني پوڙهي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري جنّت حاصل نہ ڪري سگهيو). (مسند احمد ج 3 ص 61 حديث 7455)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ ان مبارڪ مهيني جون برڪتون ۽ رحمتون حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پڻ ربّ غفار جَلَّ جَلَالَہٗ جي بارگاهه مان مغفرت جو انعام حاصل ڪرڻ جي لاءِ ماهِ رمضان ۾ خوب عبادت ڪريون ۽ نيڪين جي لاءِ سندرو ٻڌون. زندگي بي حد مختصر آهي،



www.dawateislami.net

تنھنڪري ان لمحن کي غنيمت سمجھون ۽ ماهِ رمضان جي مقدس گھڙين کي فضوليات ۽ خرافات ۾ برباد ڪرڻ جي بجاءِ، تلاوتِ قرآن، ذڪر و دُرود ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريون.

## اعتڪاف جون بھارون حاصل ڪريو

اچو تہ! احترامِ ماهِ رمضان جو دل ۾ جذبو وڌائڻ، ان جون خوب برڪتون ماڻڻ، ڀرپور نيڪيون ڪمائڻ ۽ پاڻ کي گناھن کان بچائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري پوري ماهِ رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪريو. اعتڪاف جي بہ چا خوب فضيلت آھي. جيئن تہ

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آھي تہ سرڪارِ ابد قرار، شفيع روز شمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آھي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَهٗ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنھن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا تمام پُنيان گناھ بخشيا ويندا. (جامع صغير ص٥١٦الحديث٨٤٨٠)

## پوري مھيني جو اعتڪاف

**اسان** جا پيارا پيارا ۽ رحمت وارا آقا، منا منا مصطفیٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي لاءِ ھر وقت تيار رھندا ھئا ۽ خاص طور تي رمضان شريف ۾ عبادت جو خوب اھتمام فرمائيندا ھئا. جيئن تہ **ماهِ رمضان** ۾ ئي **شبِ قدر** کي بہ پوشيده رکيو ويو آھي. تنھن ڪري ھن مبارڪ رات جي ڳولا ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ھڪ** ڀيرو **پوري ماهِ مبارڪ جو اعتڪاف** فرمايائون. جيئن تہ



www.dawateislami.net

**حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **کان روايت آهي هڪ ڀيري سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **پهرين رمضان کان ويهين رمضان تائين اعتڪاف ڪرڻ ڪانپوءِ ارشاد فرمايو: مون شبِ قدر جي ڳولا جي لاءِ رمضان جي پهرئين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ مون کي ٻُڌايو ويو ته شبِ قدر آخري ڏهاڪي ۾ آهي تنهن ڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري وٺي ."**

(صحيح مسلم ص۵۹۴حديث۱۱۶۷)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به جيڪڏهن هر سال نه سهي گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو هن اداءِ مصطفٰی** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي ادا ڪندي پوري ماهِ رمضان المبارڪ جو اعتڪاف ڪري ڇڏڻ گهرجي.**

**هونئن به مسجد ۾ رهڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ معتڪف جي ته ڇا ڳالهه آهي جو رضاءِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ **حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تمام مصروفيتن کان فارغ ڪري مسجد ۾ ديرو ڄمائيندو آهي. فتاوٰی عالمگيري ۾ آهي: "اعتڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن ڇو ته ان ۾ ٻانهو الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي عبادت ۾ مصروف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا جي انهن تمام مصروفيتن کان ڪناره ڪش ٿي ويندو آهي، جيڪي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي قرب جي راهه ۾ رڪاوٽ هونديون آهن ۽ معتڪف جو سمورو وقت حقيقت ۾ يا قاعدي موجب نماز ۾ گذرندو آهي. (ڇو ته نماز جو انتظار ڪرڻ به نماز جيان ثواب رکندو آهي) ۽ اعتڪاف جو اصلي مقصد جماعت سان نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽**



www.dawateislami.net

معتڪف انهن (فرشتن) سان مشابهت رکندو آهي جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجهه کين حڪم ملندو آهي ان کي پورو ڪندا آهن، ۽ انهن سان مشابهت رکندو آهي جيڪي رات ۽ ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (يعني پاڪائي) بيان ڪندا رهندا آهن ۽ ان کان ڪيٻائيندا ناهن.“ (فتاوی عالمگيري ج١ ص٢١٢)

**حضرتِ** سيّدُنا عطاء خُراساني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا **مُعْتَكِف** جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو **الله** تعالیٰ جي در تي اچي پيو هجي ۽ هي چئي رهيو هجي”يا الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ! جيستائين تون منهنجي مغفرت نہ فرمائيندين مان هتان ڪان نہ هٽندس.“

ہم سے فقیر بھی اب پھیری کو اُٹھتے ہوں گے　　　اب تو غنی کے در پر بستر جما دِیے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بغير ڪجهہ ڪرڻ جي نيڪين جو ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعتڪاف جو هڪ تمام وڏو فائدو هي بہ آهي جو جيترا ڏينهن مسلمان اعتڪاف ۾ رهندو گناهن کان بچيل رهندو ۽ جيڪي گناهہ هو ٻاهر رهي ڪري ها انهن کان بہ محفوظ رهندو. پر هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت آهي جو ٻاهر رهي ڪري جيڪي نيڪيون هو ڪندو هو، اعتڪاف جي حالت ۾ جيتوڻيڪ هو انهن کي ڪري نٿو سگهي پر پوءِ بہ ان جي نامهءِ اعمال ۾ بدستور لکيون وينديون ۽ ان کي ان جو ثواب بہ ملندو رهندو. مثال طور ڪو اسلامي ڀاءُ مريضن جي **عيادت** ڪندو هو، ۽ **اعتڪاف** جي سبب کان اهو ڪم نہ ڪري سگهيو تہ



www.dawateislami.net

اهو ان جي ثواب کان محروم نہ ٿيندو بلڪ ان کي اهڙو ئي ثواب ملندو رهندو جيئن هو پاڻ ان کي انجام ڏيندو رهيو هجي. جيئن تہ

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سلطانِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تحفظ نشان آهي: هُوَيَعۡكِفُ الذُّنُوۡبَ يُجۡرٰی لَهٗ مِنَ الۡحَسَنَاتِ كَعَامِلِالۡحَسَنَاتِ كُلِّهَا۔ يعني اعتڪاف ڪرڻ وارو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ تمام نيڪيون لکيون وينديون آهن جيئن انهن جي ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.
(ابنِ ماجه ج٢ ص٣٦٥حديث١٧٨١)

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان منقول آهي، ”معتڪف کي هر روز هڪ حج جو ثواب ملندو آهي.“ (شعب الايمان،ج٣،ص٤٢٥،الحديث ٣٩٦٨)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ رمضان جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي توهان جيڪي اعتڪاف جا عظيم الشان فضائل سماعت ڪيا، اهي شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي مايہ ناز تصنيف ”فيضانِ رمضان“ مان ورتا ويا آهن، هي هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ ماهِ رمضان المبارڪ جي متعلق تمام اهم ڳالهيون مثلاً رمضان المبارڪ جا فضائل، روزي جا احڪام، تراويح جا مسائل، سحري ۽ افطاري جا احڪام، اعتڪاف جو بيان، صدقہء فطر گڏوگڏ عيدُالفطر جا احڪام ۽ مسائل بہ بيان ڪيا ويا آهن. جيئن تہ روزا اسان تي فرض آهن، تنهنڪري ان جا مسائل سکڻ بہ اسان جي لاءِ ضروري آهن ۽ ”فيضانِ



www.dawateislami.net

رمضان“ ۾ روزي جا عمومي مسائل ۽ احڪام درج آهن، ان لاءِ تمام اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته ان ڪتاب کي ضرور پڙهن بلڪ تي سگهي ته هديةً حاصل ڪري ٻين اسلامي ڀائرن تائين پهچائن ۽ پڻ هن عظيم الشان ڪتاب کي پنهنجي گهر ۾ به رکن ته جيئن اسان جي گهر جون اسلامي ڀينرون به ماهِ رمضان جي متعلق شرعي مسائل جي باري ۾ دُرست آگاهي حاصل ڪري سگهن، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اجر ۽ ثواب جو خزانو هٿ ايندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت دنيا جي مختلف ملڪن جي جدا جدا شهرن ۾ اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرفان تربيتي جدول پيش ڪيو ويندو آهي. ان اجتماعي اعتڪاف جو آغاز ڪجهه هن طرح ٿيو ته

دعوتِ اسلامي جي معروضِ وجود ۾ اچڻ کان به ٿي سال پهرين رمضان المبارڪ ۾ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن نور مسجد ڪاغذي بازار مينادر بابُ المدينه ڪراچي (جتي پاڻ امامت فرمائيندا هئا) ۾ اڪيلي اعتڪاف ڪيو. پوءِ ايندڙ سال امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي انفرادي ڪوشش سان مزيد به اسلامي ڀائر سندن سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي



www.dawateislami.net

ملنساري جي عادت ۽ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان هڪ سال اهڙو آيو جو معتڪفين جي تعداد 28 تائين پهچي وئي. ان اجتماعي اعتڪاف جي پري پري تائين ڌوم مچي وئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سال دعوتِ اسلامي جو آغاز ٿي ويو ۽ دعوتِ اسلامي جو سابقه مدني مرڪز گلزارِحبيب مسجد (گلستانِ اوڪاڙوي، باب المدينه ڪراچي) ۾ دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام پهريون اجتماعي اعتڪاف ڪيو ويو، ڪم و بيش سٺ (60) اسلامي ڀائرن شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي معيّت (همراهي) ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، وڌندي وڌندي (تادمِ تحرير) هي سلسلو نه صرف پاڪستان بلڪ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پهچي ويو آهي. اهڙي طرح دنيا جي بيشمار مسجدن ۾ پوري ماهِ رمضانُ المبارڪ ۽ آخري عشري جي اعتڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر معتڪف ٿي ڪري ٻين عبادتن سان گڏوگڏ علمِ دين حاصل ڪندا ۽ سنتن جي تربيت حاصل ڪندا آهن. گڏوگڏ ڪيترائي معتڪفين رمضانُ المبارڪ جي اختتام تي چند رات ئي ڪان عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجي ويندا آهن. ان اجتماعي اعتڪاف جون به خوب بهارون آهن. جيئن ته

## اجتماعي اعتڪاف جي مدني بهار

مرڪزالاولياء (لاهور) جي مقيم اسلامي ڀاءَ جي تحريري بيان جو لُبِّ لباب آهي ته مون دعوتِ اسلامي جي تحت رمضانُ المبارڪ ۾ ٽيڻ واري پوري ماهِ رمضان جي اعتڪاف ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. جدول جي مطابق نمازِ فجر ڪان بعد ڪنزالايمان شريف مان 3



www.dawateislami.net

آيتن جو ترجمو ۽ تفسير جو مدني حلقو لڳايو ويو. نمازِ اشراق و چاشت ادا ڪندي ئي هر طرف صدا بلند ٿيڻ لڳي: "سمهي رهو، مديني جي يادن ۾ گم ٿي وڃو". مون مديني شريف جو تصور ڪيو ۽ سنت جي مطابق ليٽي پيُس، جيئن ئي منهنجي اک لڳي مون خواب ۾ ڏٺو ته بلڪل فيضانِ مدينه وانگر معتڪف اسلامي ڀائرن جا حلقا خانہ ڪعبہ شريف ۾ لڳل آهن. هرطرف نور ئي نور آهي، ايتري ۾ڇا ٿو ڏسان ته اسان جا مٺا مٺا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ طرف کان تشريف کڻي اچي رهيا آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان شيخِ طريقت، اَمِيرِاَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به اچي رهيا آهن. مٺا مٺا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر حلقي ۾ تشريف کڻي ٿا وڃن ۽ اسلامي ڀائر پنهنجي آقا جي ديدار جا شربت پيئن ٿا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چپن مبارڪ ۾ جنبش ٿي، گُل ٽڙڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهه هن طرح ترتيب ماٽي: "الياس! تو تمام چڱو ڪم ڪيو جو هنن سيني کي 30 ڏينهن جي لاءِ اتي جمع ڪيو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ توتي نظرِ رحمت فرمائي".

جَلوۂ یار کی آرزو ہے اگر — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
میٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
چوٹ کھا جائے گا اک نہ اک روز دل — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
فَضلِ ربّ سے ہدایت بھی جائے گی مل — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
تم کو راحت کی نعمت اگر چاہیے — مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف



www.dawateislami.net

بندگی کی بھی لذّت اگر چاہئے مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
فاقہ مَستی کا حل بھی نکل آئے گا مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
روز گار اِنْ شَآءَ الله مل جائے گا مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
سیکھنے زندگی کا قرینہ چلو مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
دیکھنا ہے جو میٹھا مدینہ چلو مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
موت فضلِ خدا سے ہو ایمان پر مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
ربّ کی رحمت سے جنّت میں پاؤ گے گھر مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
مان بھی جاؤ عطار کی اِلتِجا مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
ہو گا راضی خُدا، خوش شہِ انبیاء مدنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو ته رمضان جو مهينو ڪيتري شان ۽ عظمت وارو مهينو آهي، ان مهيني جي استقبال تي جنت کي سجايو ويندو آهي ۽ ان جا دروازا، امّتِ محمديّہ جي روزيدارن جي لاءِ کوليا ويندا آهن. پيارا آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي صحابہء ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي ان مهيني جي آمد تي خوشخبري ٻڌائيندا ۽ مبارڪ باد ڏيندا هئا. قيامت جي ڏينهن روزو ۽ قرآن ٻانهي حق ۾ شفاعت ڪندا. جڏهن ماهِ غفران جي آمد ٿيندي هئي ته پيارا آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. ان مهيني جي خصوصيات ۾ هي ب آهي ته ان مهيني ۾ قرآن ڪريم



www.dawateislami.net

نازل ٿيو. الله عَزَّوَجَلَّ امّتِ محمديّہ تي هن مهيني جا روزا فرض ڪيا آهن. روزو هڪ اهڙي عبادت آهي جنهن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ خود ارشاد فرمايو تہ ”روزو منهنجي لاءِ آهي ان جي جزا آءٌ خود ڏيندس“. روزيدار جا عضوا تسبيح ڪندا آهن، ان جون دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ ان جو سمهڻ عبادت ۾ شمار ٿيندو آهي. قيامت جي ڏينهن روزيدارن جي لاءِ سون جو دسترخوان رکيو ويندو حالانڪ ماڻهو حساب ڪتاب جا منتظر هوندا، روزيدارن جي داخلا بہ خاص دروازي مان ٿيندي جنهن جو نالو ”ريّان“ آهي، ان مان فقط روزيدار ئي جنت ۾ داخل ٿيندا، رمضان ۾ شبِ قدر کي پوشيده رکيو ويو آهي جيڪا هزار مهينن کان افضل آهي. ان رات کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اعتڪاف ڪيو ويندو آهي. جيڪو ايمان سان گڏ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪري ان جا تمام پنيان گناه بخشيا ويندا آهن، معتڪف مسجد ۾ رهي گناه کان بچيل هوندو آهي، پر باهر رهي ڪري جيڪي نيڪيون ڪندو هوان جو ثواب ان کي اعتڪاف ۾ بہ ملندو رهندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ رمضان المبارڪ جون خوب خوب برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دارُالافتاء اهلسنّت جو تعارُف

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سُنّتن جي تَربيت ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت ڪيترائي شعبہ جات قائم آهن. ان مان



www.dawateislami.net

هڪ انتهائي اهم شعبو ”دارُالاِفتاء اهلسنَّت“ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعه 102 صَفحات پر مُشتمل ڪتاب، ”عِلْم و حڪمت جا 125مَدني گُل“ صَفْحي 21 تي شيخِ طريقت اَميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ فرمان ڪجهہ هن طرح نقل ڪيل آهي تہ ڪجهہ عرصو پهريان ڪنهن ديني مدرسي سان وابستہ اسلامي ڀاءُ مون کي ٻڌايو تہ ”اسان وٽ جڏهن ڪو گهٽ لکيل پڙهيل سائل مسئلو معلوم ڪرڻ لاءِ ايندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اندازِ بيان يا طرزِ تحرير تي ان کي دڙڪا ڏنا ويندا آهن، مثلاً چيو ويندو آهي! ڪٿي پڙهيو آهيان توکي اردو ۾ بہ سوال لکڻ جو طريقو نہ ٿو اچي! وغيره.“ اهڙي طرح ماڻهو بدظن ٿي هلي ويندا آهن، انهن جي پرواهہ نہ ڪئي ويندي آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: هي ٻڌي ڪري منهنجي دل تي ڏک لڳو ۽ مون چيو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان 12 دارالافتاء کوليندا سين.

شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هي خواب 15 شعبان المعظم 1421ھ ۾ ان وَقت پورو ٿيو جڏهن جامع مسجد ڪنزُالايمان، بابري چوڪ بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي تحت دارُ الافتاء اهلسنَّت جو آغاز ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت تائين بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ 4 دارُالافتاء اهلسنَّت قائم آهن، ان کان علاوه زَم زَم نگر(حيدرآباد)، سردار آباد (فيصل آباد)، مرڪزُالاولياء (لاهور)، راولپنڊي اورگلزارِ طيبه (سرگودها) ۾ دارُالافتاء اهلسنَّت، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمَّت جي شَرعي رَهنمائي ۾ مصروف عمل آهن.



www.dawateislami.net

ان کان علاوه ”مجلسِ اِفتاء“ جي تحت کم ڪرڻ واري شعبي ”دارُالافتاء آن لائن“ جا اسلامي ڀائر بہ انتهائي ذميداري سان ٽيلي فون ۽ انٽرنيٽ تي پوري دنيا جي مسلمانن جي طرفان پڇيا ويندڙ مسئلن جو هٿو هٿ حل ٻڌائيندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان شعبي سان تعلق رکڻ وارا اسلامي ڀائر روزانہ سوين سوالن جا جواب ڏيندا آهن. دارُالافتاء آن لائن کان ،اِنٽرنيٽ جي ذريعي پوري دُنيا کان ان ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) جي ذريعي سوالن جا جواب پڇي سگهجن ٿا. پوري دنيا کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرن تي رابطو بہ ڪري سگهجي ٿو، نمبرنوٽ فرمائي وٺو.

0300-0220113　　0300-0220112

0300-0220115　　0300-0220114

## 12 مدني ڪمن ۾ حصووٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر وقت دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم مدرسة المدينه بالِغان بہ آهي. مدرسة المدينه بالِغان ۾ قرآنِ پاڪ جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ قرآنِ پاڪ سکڻ سيکارڻ جي وڏي فضيلت آهي. جيئن تہ حَضْرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ شَهَنْشاهِ مدينه، قَرارِ قَلْب وسينه، صاحبِ مُعطَّر پسينه، باعثِ نُزولِ سڪينه، فَيضِ گنجينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ”خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ“



www.dawateislami.net

يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جيڪو قرآنِ پاڪ سکي ۽ سيکاري. (بخاري، ڪتاب فضائل القرآن،باب خيرکم من تعلم القرآن...الخ، ۴۱۰/۳،حديث:۵۰۲۷)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ سکڻ ۽ سيکارڻ جي ضرورت ۽ اهميت جي پيشِ نظر قرآنِ پاڪ جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت اسلامي ڀائرن جي لاءِ عمومًا بعد نمازِ عشاء مختلف مسجدن وغيره ۾ هزارين مدرسة المدينه بالِغان جي ترڪيب هوندي آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ مختلف مقامن ۽ وقتن تي هزارين مدرسة المدينه بالغات جي ترڪيب هوندي آهي، اسلامي ڀائر، اسلامي ڀائرن کان ۽ اسلامي ڀينرون، اسلامي ڀينرن کان پڙهنديون آهن، حُروف جي دُرست ادائگي سان ۽ قرآن ڪريم سکڻ سان گڏوگڏ مختلف دعائون ياد ڪندا، نماز جا مسائل سکندا ۽ سنتن جي مفت تعليم حاصل ڪندا آهن. تنهنڪري توهان بہ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ مدرسة المدينه بالِغان ۾ ضرور شرڪت فرمايو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاهِ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“. (مشڪاة الصابيح، ڪتاب الامين، باب الاعتصام بالڪتاب والسنہ، ج 1، ص 97، حديث 175)



www.dawateislami.net

سنتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مُسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”چل مدينه“ جي ستن اکرن جي نسبت سان جُتي پائڻ جا 7 مدني گل

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جتي پائي رکندو آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني تڪاوت گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096)

﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي.

﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855)

**نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کابو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان**



www.dawateislami.net

عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کاٻو پير کڏي کري جتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جتي مان کڏي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کاٻو پير ٻاهر کڏي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير کڏي کري ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو پائي وٺو. (نزهة القاري ج 5 ص 530)

﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال کري.

﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) بهار شريعت ج 3 حصي 16 صفحي 422 تي آهي: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي.

﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو.

﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. "دولت بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 601) استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي تہ ان کي سڌي ڪريو.



www.dawateislami.net

طرح طرح جون سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جا مطبوعہ 2 ڪتاب بهارِ شريعت حصو 16 (312) صفحا) نيز 120 صحفن جو ڪتاب ”سنّتون ۽ آداب“ هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيّت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفَر بہ آهي.

خُوب ہو گا ثواب اور ٹلے گا عذاب　　پاؤ گے بخششیں، قافلے میں چلو

دل پہ گر زنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو　　داغ سارے دُھلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهَ معاف ڪيا ويندا. [2]

---

1…افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا

2…افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

**شافعِ امم** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو سَتن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net